SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 2002

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 2002

سنڌ انتظام ۽ ضابطو (پلاٽن جو استعمال ۽ عمارتن جي تعمير) آرڊيننس، 2002

THE SINDH REGULATION AND CONTROL (USE OF PLOTS AND CONSTRUCTION OF BUILDINGS) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. اثرانداز ٿيڻ
Over riding effect

4. پلاٽن جي متا سٽا
Conversion of plots

5. مستقلي
Regularization

6. قاعدا
Rules

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 2002

سنڌ انتظام ۽ ضابطو (پلاٽن جو استعمال ۽ عمارتن جي تعمير) آرڊيننس، 2002
THE SINDH REGULATION AND CONTROL (USE OF PLOTS AND CONSTRUCTION OF BUILDINGS) ORDINANCE, 2002

[19 مارچ 2002]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ پلاٽن جي استعمال ۽ عمارتن جي تعمير جو انتظام ۽ ضابطو مهيا ڪيو ويندو.

جيئن تہ سنڌ سنڌ صوبي ۾ پلاٽن جي استعمال ۽ عمارتن جي تعمير ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن جو انتظام ۽ ضابطو مهيا ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر

خوشيءَ سان هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ انتظام ۾ ضابطو (پلاٽن جو استعمال ۽ عمارتن جي تعمير) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2) هي اهڙي تاريخ تي لاڳو ٿيندو جيڪا حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي مقرر ڪري.

(3) اهو لاڳو ٿيڻ کان هڪ سال جي عرصي تائين لاڳو رهندو.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مضمون جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "خودمختيار بادي" مطلب حڪومت جي ضابطي هيٺ هڪ خودمختيار بادي ۽ جيڪا قانون موجب قائم ڪئي وئي هجي ۽ جنهن ۾ شامل آهن هڪ اٿارٽي، ڪائونسل يا هائوسنگ سوسائٽي؛

(b) "عمارت" مطلب عمارت يا ان جو ڪو حصو جيڪا پلاٽ تي تعمير ڪئي وئي هجي.

(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(d) "آرڊيننس" مطلب سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول آرڊيننس، 1979؛

(e) "پلاٽ" جنهن ۾ شامل آهي هڪ رهائشي پلاٽ، صنعتي پلاٽ يا هڪ اسڪيم ۾ فليٽ سائيٽ يا ٻيو ڪجهه پر خيراتي پلاٽ ڪانسواءِ هجي؛

(f) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(g) "رهائشي پلاٽ" مطلب هڪ اسڪيم يا ٻئي هنڌ

رهائشي عمارت جي تعمير لاءِ مخصوص ڪيل هڪ پلاٽ؛

(h) "قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛ ۽

(i) "اسڪيم" مطلب حڪومت، اٿارٽي يا هڪ خودمختيار باڊي جي تعاون سان هڪ هائوسنگ اسڪيم جيئن عوام کي گهرن، ڪاروبار يا صنعتي مقصد لاءِ پلاٽ مهيا ڪري سگهجن.

اثرانداز ٿيڻ
Over riding effect

3. هن آرڊيننس جون گنجائشون موثر هونديون، جيستائين ڪجهه وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي متضاد نه هجي.

پلاٽن جي متا سٽا
Conversion of plots

4. ڪو به پلاٽ جنهن مقصد لاءِ ڏنو ويو هجي ان کانسواءِ ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ استعمال نه ٿيندو، جيستائين اٿارٽي طرفان منظوري نه ڏني وڃي، جنهن طرفان اهو پلاٽ ڏنو ويو اهي، اهڙين شرطن تي ۽ اهڙي فيس جي ادائگي بعد جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

مستقلي
Regularization

5. جيستائين ڪجهه ڪنهن وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون يا فيصلي، حڪم يا ڪنهن عدالت جي ڏکري جي متضاد نه هجي هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ تعمير ٿيل ڪا عمارت جيڪا هن آرڊيننس جي گنجائشن يا ان سلسلي ۾ جوڙيل ضابطن جي خلاف هجي، اها آرڊيننس تحت مقرر ڪيل اٿارٽي طرفان شرطن ۽ اهڙي فيس جي ادائگي تي مستقل ڪري سگهجي ٿي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بشرطيڪ ڪا به عمارت مستقل نه ڪئي ويندي، جيڪڏهن اهڙي عمارت:

(a) ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ مخصوص ڪيل پلاٽ تي تعمير ٿيل آهي، جيستائين ان جي غير قانوني

مقصد جي هن آرڊيننس تحت منظوري نہ ڏني ويجي؛

(b) ماحول دشمن سرگرميون اٽس، جهڙوڪ بناوٽ، خطرناڪ شين جو ذخيرو يا پارڻ لائق شين يا ٽرانسپورٽ سيڪٽر جي خدمت ۾ رندڪ هجي جيستائين اهڙيون سرگرميون ختم نہ ڪيون ويجن؛

(c) پارڪنگ جي جڳهہ ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ استعمال ڪري ٽي، جيستائين اها جڳهہ پنهنجي اصل مقصد ڏانهن واپس نہ ٽئي؛

(d) روڊ کي ويڪرو ڪرڻ واري اسڪيم يا ملڪيت جي لڪير جي ڀڃڪڙي ڪندي تعمير ڪئي وئي آهي، جيڪي ڪنهن خراب استعمال ۾ آهن؛ ۽

(e) قائداعظم جي مزار جي 3/4 ميل (1.2 ڪلوميٽر) قطر جي اندر تعمير ڪئي وئي آهي سمنڊ جي سطح کان پوڊيم ليول 91 فٽ (27.72 ميٽر) جي سطح تي.

قاعدا Rules

6. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٽي.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي